# مشهور سنڌي ماڻهو

(ٻاراڻو ادب)



## غلام محمد لاکو

Institute of Sindhology

# مشهور سنڌي ماڻهو

(ٻارڙو ادب)

غلام محمد لاکو

institute of sindhology

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

2009ع

# فهرست


| | |
|---|---|
| 1. چپائيندڙ پاران | 8 |
| 2. پيش لفظ | 9 |
| 3. قلندر لعل شهباز | 11 |
| 4. ڄام نظام الدين سمون | 14 |
| 5. شهيد مخدوم بلال سمون | 18 |
| 6. مخدوم نوح هالائي | 22 |
| 7. مخدوم جعفر بوبڪائي | 25 |
| 8. مير محمد معصوم بکري | 29 |
| 9. شاهه عبداللطيف ڀٽائي | 33 |
| 10. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي | 36 |
| 11. سلطان الاولياء خواجه محمد زمان | 39 |
| 12. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي | 42 |
| 13. مير علي شير قانع | 45 |
| 14. روحل فقير | 48 |
| 15. سچل سرمست | 51 |
| 16. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ | 54 |
| 17. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي | 57 |
| 18. جمشيد نسروانجي ميهتا | 60 |
| 19. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو | 63 |
| 20. علامه آءِ. آءِ. قاضي | 67 |
| 21. سيد حسام الدين راشدي | 70 |
| 22. ايم. ايڇ. پنهور | 73 |

# ايم. ايچ. پنهور

ويهين صديءَ جي سنڌ، مختلف شعبن ۾ جيڪي ذهين ترين انسان پيدا ڪيا، انهن ۾ ايم. ايچ. پنهور جو نالو تمام مٿانهون ڏسجي ٿو. هو هڪ ئي وقت بهترين تاريخ دان، سماجي علمن جو ڄاڻو، زرعي سائنس دان ۽ ترقي پسند آبادگار ٿي گذريو. قدرت تمام گهٽ ماڻهن کي هڪ جاءِ تي، ايترين خوبين سان نوازيندي آهي.

محمد حسين پنهور 25 ڊسمبر 1925ع تي، دادو ضلعي جي ڳوٺ ابراهيم پنهور (ڪڇي) ۾، هڪ غريب حاجي خان جي گهر ۾ جنم ورتو. پنهور صاحب پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. ميٽرڪ تائين ميهڙ ۽ لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو. انٽرميڊيٽ جي تعليم ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مان ورتائين. بعد ۾ اين. اي. ڊي. انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻي يونيورسٽي) ڪراچيءَ مان، سال 1949ع ۾ بي. اِي (مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل) جي ڊگري، تمام سُٺن نمبرن سان حاصل ڪرڻ ۾ سويارو ٿيو. ان کان پوءِ سنڌ حڪومت جي اسڪالرشپ تي، اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا روانو ٿي ويو. پاڻ وسڪانسن(Wisconsin) يونيورسٽيءَ مان، 1953ع ۾ زرعي انجنيئرنگ ۾ ماسٽرز جي ڊگري حاصل ڪري وطن موٽي آيو.

محمد حسين وطن موٽي آيو تڏهن سنڌ حڪومت ۾، ڪيس زرعي انجنيئر طور ملازمت ڏني وئي. بعد ۾ پاڻ اولهه پاڪستان

سرڪار ۾ ملازم ٿيو. نيٺ ترقي ڪندي سپرنٽنڊنٽ انجنيئر جي عهدي تي پهتو. هن حيثيت ۾ پاڻ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڪم ڪيائين. پنهور صاحب سال 1969ع تائين سرڪاري ملازم رهيو.

1970ع کان ڪري زندگيءَ جي آخري پساهه تائين، پنهور صاحب پنهنجي علم، ذهانت ۽ بهترين انجنيئر هجڻ جي پس منظر ۾، خوب محنت ڪئي ۽ وڏو نالو پيدا ڪيو. پنهنجي زمين کي فروٽ فارم جو روپ ڏئي ان کي ترقي وٺرائي. فارم تي ميون جي مختلف جنسن تي تجربا ڪري، ڪيئي نوان فروٽ پيدا ڪيائين. ان مقصد لاءِ پاڻ يورپ، آمريڪا ۽ آسٽريليا مان نِت نوان بوٽا آڻي انهن تي تجربا ڪيائين. ان ريت سنڌ کي نون ميون جون جنسون حاصل ٿيون. سندس باغ ۾ قسمين قسمين انبن جون جنسون پڻ موجود هيون. زرعي ماهر طور پاڻ انبن جي مختلف جنسن پيدا ڪرڻ تي پڻ ڪامياب تجربا ڪيائين.

ملازمت جي عرصي ۾ ئي پنهور صاحب سنڌ جي مطالعي ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. ليڪن ملازمت کان فارغ ٿيڻ بعد ان طرف وڌيڪ توجهه ڏنائين. سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ قديم آثار، سندس مطالعي جو خاص محور رهيا. ان ڏس ۾ سندس ڪجهه ڪتاب هن طرح آهن: سنڌ تي مواد، سنڌ جي واقعاتي لغت، سومرن جي تاريخ ۽ ڪيرٿر وغيره. پنهور صاحب جي لکيل آتم ڪٿا ”آپ بيتي جڳ بيتي“ پڻ هڪ بهترين ڪتاب تسليم ڪيو ويو آهي.

ايم. ايڇ. پنهور سنڌ جي زير زمين پاڻي، جاگرافي، سنڌو درياهه ۽ آبپاشي نظام تي پڻ تحقيقي ڪم ڪيو. هن ڏس ۾ سندس ڪي ڪتاب وڏي اهميت رکن ٿا. ڪتابن کان علاوه پنهور صاحب سنڌ جي حوالي سان، جدا جدا عنوانن تي سوين مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا. پنهور صاحب جون تحريرون انگريزي زبان ۾ هجڻ سبب، پاڪستان کان ٻاهر پڻ پسند ڪيون ويون، ۽ انهن کي وري وري

شايع ڪيو ويو. محمد حسين جي تحقيق ۽ مطالعي ۾، نقشن، تصويرن ۽ خاڪن کي خاص اهميت حاصل هوندي هئي. پاڻ سنڌ متعلق کوجنا واسطي مواد حاصل ڪرڻ لاءِ، هر سال يورپ جو دورو ڪندو هو. ان مقصد لاءِ آمريڪا، آسٽريليا ۽ ڪئناڊا جا دورا ڪيائين. هڪ ڀيرو مطالعاتي دوري تي سوويت يونين (روس) پڻ ويو هو.

محمد حسين پنهور زراعت ۽ باغبانيءَ ۾، سنڌ اندر نوان لاڙا پيدا ڪيا. عام زميندارن کان هٽي ڪري، زمين جي سار سنڀال لاءِ ڪمداري ۽ هاري طريقي کان الڳ ٿي؛ مزدور ۽ پڙهيل لکيل زرعي ماهر مئنيجر ڪري رکيائين. پاڻ سنڌ ۾ مروج زمينداري سرشتي کي زراعت لاءِ هاڃيڪار سڏيندو هو. پنهور صاحب زراعت ۽ خاص ڪري باغبانيءَ جي شعبي ۾، پڻ ننڍن وڏن ڪتابن جو وڏو انگ تحرير ڪيو. هي ڪتاب سنڌ جي زراعت لاءِ ڏاڍا مفيد ثابت ٿيا.

ذاتي طرح ايم. ايڇ. پنهور هڪ دلير ۽ همٿ ڀريو انسان هو. نوجوان نسل جي رهبري ۽ همٿ افزائي ڪليل دل سان ڪندو هو. عالمن ۽ اديبن لاءِ پنهور صاحب جو دسترخوان هميشه ڪشادو رهندو هو. سنڌ جي مسئلن تي بلند آواز ڳالهائيندو هو. سندس ڪتب خانو پڻ مثالي هو، جنهن ۾ مختلف علمن تي هزارين ڪتاب گڏ ٿيا. سندس علمي مان مرتبي سبب، يورپ جي ڪيئي ادارن کيس اعزازي ميمبرشپ ڏني. حڪومت پاڪستان زراعت لاءِ ڪيل مثالي خدمتن سبب، ايم. ايڇ. پنهور کي ”تمغهء امتياز“ جو اعزاز بخشيو. محمد حسين پنهور علمي ۽ ادبي دنيا ۾ ايم. ايڇ. پنهور جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

سنڌ جي هن ذهين فرزند ٻه شاديون ڪيون. پهرين زال مان هن کي چار پٽ ٿيا، جي پوءِ آمريڪا ۾ وڃي رهيا. سندس وڏو پٽ ڊاڪٽر رفيع آمريڪا ۾ جوانيءَ ۾ گذاري ويو. هن سانحي پيءُ جي

حيثيت ۾، محمد حسين جي صحت کي گھڻو نقصان پهچايو. ٻيو فرزند سني حسين پنهور هن وقت پنهور صاحب جي ارڪي ترڪي جو وارث آهي. پنهور صاحب ٻي شادي مِس فرزانه سان ڪئي، جنهن مان هن کي ڪوبه اولاد نه ٿيو. فرزانه پنهور هڪ پڙهيل ڳڙهيل خاتون آهي. ايم. ايڇ. پنهور ايڪاسي سالن جي ڄمار ۾ 21 اپريل 2007ع تي وفات ڪئي. ڪيس ٽنڊي ڄام پرسان پنهنجي زرعي فارم تي دفن ڪيو ويو. شايد سنڌ وري ڪو ايم. ايڇ. پنهور جهڙو ذهين انسان پيدا ڪري!